روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 03 فيبروري 2024ع بمطابق 22 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 249

جيڪو چوندا آهيون ڪندا آهيون، حڪومت ۾ اچي اٽو، گئس، پيٽرول ۽ ڪڻڪ سستي ڪنداسين: نواز شريف

پي ٽي آءِ 50 لک گهرن ۽ هڪ ڪروڙ نوڪرين جو واعدو ڪيو، ڇا ڪنهن کي گهر مليو؟ ڇا بيروزگاري ختم ٿي وئي؟ جلسي ۾ موجود ڪو هڪ شخص هٿ ڪڍي ٻڌائي ته ان کي گهر مليو، هي ممي ڊيڊي وارا نوجوان ناهن

فيصل آباد ۾ ساهي ۽ ڪاهي پاسي کان موٽرويز آهن. توهان کي ڪيترا موٽرويز کپن؟ توهان انڪار ڪندئو ته به اسان ناهينداسين، حڪومت ۾ اچي، اٽو، گئس، پيٽرول ۽ ڪڻڪ سستي ڪنداسين، نوجوان ڪنهن ٻئي سان نه پر نواز ليگ سان گڏ آهن

اسان جي جماعت گارگند ۽ الزامن جي سياست ناهي ڪندي پر خدمت ۽ ڪارڪردگي تي يقين رکي ٿي، حڪيم راڻا ثناءُالله اهڙو علاج ڪيو ۽ اهڙي حڪمت ڏيکاري جو نه بيمار ٿو نظر اچي ۽ نه بيماري: مريم نواز

ن ليگ جيڪڏهن مقابلو ڪندي آهي ته خدمت ۾ ڪندي آهي، اڻ پوري حڪومتن باوجود نواز شريف جي بيانن ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ناهي، جنهن سان قومي سلامتي داءَ تي لڳي

خدمت ۽ ڪارڪردگي ۾ ن ليگ جو ڪو مقابلو ناهي، اسان جي جماعت گارگند ۽ الزامن جي سياست ناهي ڪندي پر خدمت ۽ ڪارڪردگي تي يقين رکي ٿي

فيصل آباد (م د) ن ليگ قائد نواز شريف چيو آهي ته پي ٽي آءِ 50 لک گهرن ۽ هڪ ڪروڙ نوڪرين جو واعدو ڪيو ڇا ڪنهن کي گهر مليو؟ ڇا بيروزگاري ختم ٿي وئي؟ اسان ٻلين ٽري وارا ناهيون. جيڪي چوندا آهيون اهو ڪندا آهيون. فيصل آباد ۾ جلسي کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو ته جلسي ۾ موجود ڪو هڪ شخص هٿ ڪڍي ٻڌائي ته ان کي گهر مليو، هي ممي ڊيڊي وارا نوجوان ناهن/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

فيصل آباد: نواز ليگ سربراهه نواز شريف چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس
شاهد جميل خان پنهنجي عهدي
تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس شاهد جميل خان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. جسٽس شاهد جميل پنهنجي استعيفيٰ صدر عارف علوي ڏانهن اماڻي ڇڏي آهي. جسٽس شاهد جميل خان کي 2029 ۾ رٽائر ٿيڻو هو جسٽس شاهد جميل جو سينيارٽي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

وزيراعظم بڻجي غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري جو خاتمو ڪندس: بلاول

عوام ڄاڻي ٿو ته ملڪ کي مسئلن مان رڳو پ پ ڪڍي سگهي ٿي، پ پ مخالف توهان کي نفرت جي سياست ۾ ورهائڻ چاهين ٿا، توهان کي مذهب، لسانيت ۽ قوميت جي بنياد تي ورهائڻ چاهين ٿا

عوام کي اپيل ٿو ڪيان ته شڪارپور مان مون کي سئو سيڪڙو سيٽون ملڻ کپن، اسان هڪ تاريخي معاشي بحران مان گذري رهيا آهيون، جنهن جي تدارڪ لاءِ اسان معاشي پلان تيار ڪري ورتو آهي

وزيراعظم ٿي عوامي معاشي معاهدي ذريعي غربت ختم ڪري ڏيکاريندس، بينظير جي لاءِ مشهور هو ته بينظير ايندي روزگار ڏيندي، شهيد بينظير جو نامڪمل مشن مڪمل ڪندس

جيڪڏهن ڪا پارٽي توهان جي نمائندگي ڪري سگهي ٿي ته اها پيپلز پارٽي آهي، اسان تمام مشڪل دور ڏٺو، ڪورونا آيو، ٻوڏ ڪي منهن ڏنو، شڪارپور آيس ته ٻوڏ متاثر عورتن جو مطالبو هو ته گهر ناهي ڏنو وڃي

پرڏيهي وزير طور پوري دنيا ۾ پئسو گڏ ڪيو، هاڻي 20 لک گهر ناهي رهيا آهيون، سياست کي ذاتي دشمني ۾ تبديل ڪرڻ سان ملڪ کي نقصان ٿي رهيو آهي، تخت لاهور جي ويڙهه جو وزن توهان ڪٽي رهيا آهيو

شڪارپور/ خانپور/ مدئجي (نمائندن وٽان) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ملڪ کي معاشي بحران مان ڪڍڻ لاءِ معاشي پلان تيار ڪري ورتو آهي. عوام ڄاڻي ٿو ته ملڪ کي مسئلن مان رڳو پ پ ڪڍي سگهي ٿي. شڪارپور ۾ پ پ جي چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پ پ مخالف توهان کي نفرت جي سياست ۾ ورهائڻ چاهين ٿا. توهان کي مذهب/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

شڪارپور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ ريلي کي خطاب ڪندي

بلاول ڀٽو زرداري 30 لک گهر ٺاهيندو: آصفه ڀٽو

پيپلزپارٽي اوهان جي ڏکئي وقت ۾ اوهان سان گڏ آهي

اين آءِ سي وي ڊي ٺاهي وئي آهي ته جيئن جلد کان جلد مفت علاج ڪرائي سگهجي

مورو (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ آصفه ڀٽو چونڊ مهم دوران دعويٰ ڪئي آهي ته بلاول ڀٽو زرداري 30 لک گهر ناهي عوام کي مالڪي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اينڌڙ چونڊيل حڪومت کي معاشي پاليسين جي تسلسل کي قائم ڪرڻ گهرجي: نگران وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت ۾ سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل جي ايپڪس ڪميٽي جو اجلاس، آرمي چيف ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

اجلاس ۾ مختلف وزارتن ملڪ ۾ سيڙپڪاري جي حوالي سان جاري منصوبن، پاليسي قدمن تي اطمينان جو اظهار

آرمي چيف پاڪ فوج پاران ملڪ ۾ معاشي استحڪام لاءِ حڪومتي قدمن جي ڀرپور ساٿ جي عزم جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نگران حڪومت پاران ٽرول برگيڊ پاران
صحافي غريده فاروقي کي حراسان ڪرڻ
جي مهم تي سخت ڳڻتي جو اظهار

اسلام آباد (م د) نگران حڪومت هڪ سياسي پارٽي جي ٽرول برگيڊ پاران سينيئر صحافي غريده/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ ۾ چونڊن کان اڳ ئي فوج مقرر ڪرڻ جو اعلان

چونڊ واري ڏينهن موبائل فون سروس معطل ڪرڻ بابت اڃا تائين ڪو فيصلو ناهي ٿيو: احمد شاهه

پولنگ اسٽيشنز تي پوليس ۽ رينجرز مقرر هوندي، حساس پولنگ اسٽيشنز ۾ فوج مقرر هوندي

چونڊن لاءِ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي 62 ڪروڙ 54 لکن کان وڌيڪ رقم جاري ڪئي وئي آهي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري نگران وزير احمد شاهه چيو آهي ته چونڊ واري ڏينهن موبائل فون سروس معطل ڪرڻ جي حوالي سان اڃا تائين ڪو فيصلو ناهي ٿيو. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي احمد شاهه چيو ته سنڌ حڪومت/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نادرا جو ڊپٽي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسلام آباد ۾ اغوا

اسلام آباد پوليس رمنا ٿاڻي ۾ مغوي جي پيءُ جي فرياد تي ڪيس داخل

منهنجو پيءُ ڪالهه رات 9 وڳي گهران نڪتو پر واپس نه موٽيو: فريادي

اسلام آباد (م د) نيشنل ڊيٽا بيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) جي ڊپٽي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نجيب الله کي اسلام آباد مان اغوا ڪيو ويو. اسلام آباد ۾ نادرا جو ڊپٽي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نجيب الله مبينا طور اغوا ٿي ويو. نادرا جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪڻڪ جي درآمد تي پابندي جو فيصلو،
ملڪ ۾ اٽي جا اڳهه مستحڪم ۽ ذخيرا
ضرورت موجب موجود آهن: وفاقي حڪومت

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت ڪڻڪ جي درآمد تي پابندي جو فيصلو ڪري ورتو. حڪومتي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نگران پرڏيهي وزير جي بيلجيئم جي هم منصب سان ملاقات

ملاقات ۾ ٻطرفن لاڳاپن جي فروغ بابت امڪانن جو جائزو ورتو ويو

ٻطرفن لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ مسلسل ڪوششن تي اتفاق

برسلز (م د) نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني بيلجيئم جي هم منصب حدجه لهبيب سان برسلز ۾ ملاقات ڪئي ۽ ٻطرفن لاڳاپن جي فروغ بابت امڪانن جو جائزو ورتو. پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ملاقات دوران پرڏيهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي وزيراعظم آفيس جو غلط استعمال ڪيو: توشاخانا ڪيس جو تفصيلي فيصلو

سعودي ولي عهد کان بشريٰ بي بي گراف جيولري سيٽ تحفي طور وصول ڪيو، سيٽ توشا خانا ۾ رپورٽ ته ٿيو پر جمع نه ڪرايو ويو

تحفي جي قيمت جو تعين ڪندڙ پرائيوٽ ماهر تي پي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي اثر رسوخ استعمال ڪيو

تحفي جو تعين ڪندڙ صهيب عباسي موجب پي ٽي آءِ باني جي چوڻ تي تحفي جي قيمت گهٽ لڳائي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد جي احتساب عدالت پي ٽي آءِ باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي خلاف توشاخانا ڪيس جو تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. جج محمد بشير طرفان 44 صفحن تي ٻڌل/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

حليم عادل شيخ جي گرفتاري تي سنڌ حڪومت کان جواب طلب

حليم عادل شيخ طرفان پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ توهين عدالت درخواست داخل ڪئي وئي

گرفتاري نه رڳو غير قانوني آهي پر توهين عدالت جي زمري ۾ به اچي ٿو: درخواست

پشاور (م د) پشاور هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ جي گرفتاري تي سنڌ حڪومت کان جواب طلب ڪري ورتو. ڪورٽ حليم عادل شيخ کي 27 آگسٽ تي ٿن ڪيسن ۾ راهداري ضمانت ڏني هئي ۽ ڪيس 4 سيپٽمبر/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ جو باني جيل ۾ آهي، مقابلي ڪرڻ ۾ مزو نه ايندو: مولانا فضل الرحمان

جيڪڏهن عمران خان آزاد هجي ها ته ڏسان ها، اڄ ان تي ڳالهه نه ڪندس، اسان جي جنگ جاري رهندي

مان اڄ به پنهنجي نظريي تي قائم آهيان، جمعيت سياسي مخالفن خلاف تعصب جو مظاهرو نه ڪري رهي آهي

هن حلقي ۾ ٻين مذهبن جا ماڻهو به رهن ٿا، اسان کي ٻين مذهبن جي حقن جو به خيال آهي: چونڊ جلسي کي خطاب

ٽانڪ (م د) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي صدر مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته پي ٽي آءِ جو باني جيل ۾ آهي، سائس وڙهڻ مون کي مزو نه ايندو. ٽانڪ ۾ پنهنجي هڪ بيان ۾ مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته جيڪڏهن اهو (پي ٽي آءِ جو باني)/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مذهب جي آڙ ۾ وزيراعظم کان وڏا وڏا فيصلا ڪرايا ويا: عون چوڌري

ملڪ سان مذاق ڪيو ويو آهي، خوابن تي ملڪ جا فيصلا ٿيندا هئا

عدت ۾ نڪاح بابت ڪيس ۾ جج سامهون ڏنل بيان سچ تي ٻڌل آهي

راولپنڊي (م د) استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ ۽ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي خلاف عدت ۾ نڪاح جي شاهد عون چوڌري چيو آهي ته ملڪ سان مذاق ڪيو ويو آهي. خوابن تي ملڪ جا فيصلا ٿيندا هئا. اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي عون چوڌري چيو ته عدت ۾ نڪاح بابت ڪيس ۾ جج/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

چونڊ ڊيوٽي تي حاضر نه ٿيندڙ ملازمن جا گرفتاري وارنٽ جاري

صحت کاتي جي 267 ملازمن جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا

ملازم قومي ذميواري جي ادائيگي کان پاسو ڪري رهيا آهن: آر او

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ اليڪشن ڊيوٽي تي حاضر نه ٿيندڙ صحت کاتي جي 267 ملازمن جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا. ڪراچي جي ڊي ايس/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ ۾ ڪنهن جا خواب ڏسندڙن کي ڪنهن نه ڏينداسين: شرجيل ميمڻ

ماڻهو نفرت جي سياست کي دفن ڪري بينظير ڀٽو جي نظريي کي چونڊڻ چاهين ٿا

خيبر پختونخواهه ۽ پنجاب مان به پ پ کي وڏو مارجن ملندو: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ شرجيل ميمڻ چيو آهي ته نواز شريف جي سڌائين بدلي ۽ نفرت جي پاليسي رهي. جڏهن ته پي ٽي آءِ باني ملڪ کي بدترين معاشي بحران ۾ وڌو. پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو ته ماڻهو نفرت جي سياست کي دفن ڪري چڪا آهن. ماڻهو بينظير ڀٽو جي نظريي کي چونڊڻ چاهين ٿا. سنڌ سان پ پ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15



نگران وڏي وزير آبادي پلائي کاتي جي سيڪريٽري کي خط لکي ڇڏيو

جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر پاران آبادي جي پلائي واري کاتي جي ڪارڪردگيءَ تي ڪاوڙ جو اظهار

بدقسمتي سان آبادي پلائي کاتي 6 مهينن دوران پنهنجي مسئلن تي ڪو ڌيان نه ڏنو آهي: نگران وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر پاران آبادي جي پلائي واري/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ٽانڪ: جي يو آءِ ف سربراهه مولانا فضل الرحمان چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

غزه تي اسرائيلي فوج جي حملا جاري، وڌيڪ 171 شهادتون، 190 زخمي

شهيدن جو مجموعي انگ 27 هزار 207 کان وڌي ويو آهي، 66 هزار کان وڌيڪ زخمي آهن

يهودي فوج جي بمباري ۾ عمارتون مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويون، جنگ بندي لاءِ ڪوششون جاري

غزه (م د) اسرائيلي فوج طرفان غزه ۾ فلسطينين جو قتل عام جاري آهي، پناهگير مان وڌيڪ 14 چٽن/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

عدت ۾ نڪاح ڪيس: عمران خان ۽ خاور مانيڪا وچ ۾ جهيڙو

مان قرآن تي حلف کڻڻ لاءِ تيار آهيان، خاور مانيڪا کان به حلف ورتو، مون بشريٰ کي نڪاح واري ڏينهن ڏٺو: عمران خان

خدا جو خوف ڪريو، تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين، توهان منهنجو گهر برباد ڪري ڇڏيو: خاور مانيڪا

حلف کڻڻ بعد اوهان جو جرح جو حق ختم ٿي ويندو (عدالت) جنهن بعد عمران حلف کڻڻ تان ڦري ويو

اسلام آباد (م د) اڊيالا جيل ۾ عدت ۾ نڪاح ڪيس جي ٻڌڻي دوران عمران ۽ بشريٰ بي بي جو اڳوڻو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اميدوار جي لاڏاڻي سبب صوبائي سيٽ تي چونڊ ملتوي

رحيم يار خان ۾ پي پي 266 جو اميدوار چوڌري اسرار گوندل لاڏاڻو ڪري ويو

چوڌري اسرار گوندل جي مهم دوران طبيعت بگڙجي وئي هئي

رحيم يارخان (م د) رحيم يار خان ۾ پنجاب اسيمبلي جي سيٽ پي پي 266 جو اميدوار چوڌري اسرار گوندل لاڏاڻو ڪري ويو ريسڪيو اختيارين/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مچ ۽ ڪولپور علائقن ۾ حملن بعد فورسز جي آپريشن ۾ 24 دهشتگرد مارجي ويا: آءِ ايس پي آر

دهشتگردن مچ ۽ ڪولپور ڪامپليڪسز تي حملا ڪيا جن کي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن دليري سان ناڪام بڻايو

مارجي ويل دهشتگردن ۾ شهزاد بلوچ، عطاءُالله، عبدالودود، ذيشان ۽ سندن ماسٽر مائينڊ شامل آهن

دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا 4 اهلڪار ۽ 2 واٽهڙو به شهيد ٿيا

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي مچ ۽ ڪولپور علائقن ۾ حملن بعد سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه تقريب کي خطاب ڪندي

شاگردن جا ٽَن، وفاق ۽ صوبائي
حڪومتن پاران لڳاتار 9
موڪلن جو اعلان

اسلام آباد (م د) وفاق ۽ صوبائي حڪومتن عام چونڊن سبب تعليمي ادارن ۾ 6 کان 9 فيبروري/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

بدترين هٿياربند ٽڪرارن جي عالمي درجه بندي، پاڪستان به شامل

درجه بندي ۾ پاڪستان جو نمبر 14، ڀارت جو 15 ۽ بنگلاديش جو 17 آهي

ٽنهي ملڪن ۾ حالتن کي نظر ۾ رکندي لاڳيتو ڳڻتي جوڳو قرار ڏنو ويو

اسلام آباد (م د) بدترين هٿياربند ٽڪرارن جي عالمي درجه بندي ۾ پاڪستان، ڀارت ۽ بنگلاديش جي صورتحال کي لاڳيتو ڳڻتي جوڳو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

وڪي ليڪس کي ڄڃهي ڄاڻ
وڪرو ڪندڙ سي آءِ اي اهلڪار کي
40 سال قيد جي سزا

ڪراچي (رپورٽر) وڪي ليڪس کي هيڪنگ ٽولزليڪ ڪندڙ اڳوڻي سينٽرل انٽيليجنس ايجنسي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: پ پ اڳواڻ سعيد غني پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪندڙن جي آجيان ڪندي

اسلام آباد ۾ نجي يونيورسٽي جي شاگرديائي سان اجتماعي لجالت

اجتماعي زيادتي جو واقعو سيڪٽر اي اليون ٽو جي هڪ فليٽ ۾ پيش آيو

پوليس متاثر شاگرديائي جي فرياد تي واقعي جو ڪيس داخل ڪري ورتو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد ۾ نجي يونيورسٽي جي شاگرديائي سان اجتماعي زيادتي جو واقعو سامهون آيو آهي. شاگرديائي سان اجتماعي زيادتي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

افغانستان ۾ القاعده جون وڌيڪ 8 وڏيون تربيتي ڪئمپون قائم: گڏيل قومن جي رپورٽ

افغانستان جي ڪيترن ئي صوبن ۾ القائده تربيتي ڪيمپون، مذهبي اسڪول ۽ هٿيار رکڻ جون سهولتون قائم

القاعده جو مجيل ميمبر حڪيم المصري ڪنڙ ۾ تربيتي ڪيمپن ۽ آپگهاتي بمبارن جي تربيت جو ذميوار آهي

القائده غزني، لغمان، پروان ۽ اروزگان صوبن ۾ 8 نوان تربيتي ڪيمپ قائم ڪيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي رپورٽ ۾ افغانستان ۾ القاعده جا وڌيڪ 8 وڏا ٽريننگ ڪيمپ موجود هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي رپورٽ موجب القاعده افغانستان ۾ فعال/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملڪ ۾ عام چونڊن کان اڳ 88 اميدوار دنيا ڇڏي ويا

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ عام چونڊن کان اڳ 88 اميدوار دنيا ڇڏي ويا، فوتين ۽ مارجي ويلن ۾ قومي اسيمبلي جا 9 ۽ صوبائي اسيمبلين جا 79/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ناقص منصوبابندي، بار عوام تي، پاور سيڪٽر جي اسٽيٽ آف انڊسٽري رپورٽ 2023 جاري

بجلي ڪمپنين ۾ 781 ارب رپين جي سيڙپڪاري باوجود صورتحال بهتر نه ٿي: نيپرا

بجلي جي پيداوار ۽ پهچ ورهاست ۾ نااهلي، بارڻ جي فراهمي پاور سيڪٽر جا وڏا مسئلا قرار ڏنا ويا: رپورٽ

پاور سيڪٽر ۾ ڏگهي مدي جي منصوبابندي جي کوٽ آهي پر ان جو بار واهپيدارن تي نه وجهڻ گهرجي

اسلام آباد (م د) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) چيو آهي ته بجلي ڪمپنين ۾ 781 ارب رپين جي سيڙپڪاري باوجود صورتحال بهتر نه ٿي. ناقص منصوبابندي سبب عوام تي بار پيو. نيپرا پاور سيڪٽر/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جيستائين ملڪ ۽ قوم آرٽ کي اهميت نه ڏيندي ترقي ڪري نه سگهبي: جمال شاهه

آرٽ ۽ ڪلچر اهڙو ذريعو آهي جيڪو سياست، سماجيات، مذهب، سائنس سان پيار محبت ذريعي جڙي ٿو

اسان جي زمين ثقافتي طور تي گهڻي شاهوڪار آهي جيڪا پيار، محبت ۽ پاڻ سان پيش اچڻ جو سبق سيکاري ٿي

آرٽ زمين تي ڪنڊا نه پر گل پوکڻ جو درس ڏئي ٿو، جنهن جو مثال شاهه لطيف، سچل، بلي شاهه، خواجا فريد، رحمان بابا، شيخ اياز ۽ ٻيا آهن

حيدرآباد (م د) ڄامشورو ۾ ملڪ جي پهرين نجي آرٽ ۽ ڪلچر يونيورسٽي ۾ پهرين ڊگري شو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڄامشورو: نگران وفاقي وزير جمال شاهه نجي يونيورسٽي ۾ تقريب جو افتتاح ڪندي

پاڪستانين جي اڪثريت
ڪراچي کي ملڪ جو گندو
ترين شهر قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م د) گيلپ پاڪستان جي سروي ۾ ملڪ جي گندي ترين شهرن ۾ ڪراچي سيني کي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني بيلجيم جي هم منصب سان ملاقات ڪندي

پي ايڇ ايف ملازمن کي 6 مهينن کان پگهارون نه مليون: ذريعا

سينيئر ۽ جونيئر رانديگرن جي رهڻ وارو معاملو به رولڙي جو شڪار آهي

اڪثل پنج مهينن جو پگهارون گڏريل دور جون آهن: انتظاميا

لاهور (م د) پاڪستان هاڪي فيڊريشن (پي ايڇ ايف) جي ملازمن کي ڇهن مهينن کان پگهارون ناهن مليون ذريعن موجب. لاهور هيڊ ڪوارٽر/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پلي سڀ پارٽيون اتحاد ڪن پر پ پ جو مقابلو نٿيون ڪري سگهن: سردارعلي شاهه

منهنجي تڪ ۾ ٿرپارڪر سميت ٻين علائقن ۾ غريب هندو برادري جي ماڻهن کي جي ڊي اي وارا لڏائي رهيا آهن

جي ڊي اي وارا وڏ وڏ جي ڪاڻي آهن، جيڪي الائي ڪيترين پارٽين گڏ ڪري به پ پ جو مقابلو نٿا ڪري سگهن

سندن هڪ مورتلي ٻيو، ڪڏهن ڪاڪن جي ڪلهي تي آهي ته ڪڏهن مامن جي ڪلهي تي آهي: جلسي دوران ڳالهيون

ٿرپورو (رپورٽر) پي ايس 49 تي نامزد پ پ اميدوار ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڀارت: چيني جاسوسي جي
شڪ ۾ گرفتار ڪبوتر بي
گناهه ثابت ٿيڻ تي آزاد

نئين دهلي (م د) ڀارت چين جي جاسوسي جي الزام ۾ گرفتار ڪيل ڪبوتر کي بي گناهه قرار ڏئي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير فواد حسن فواد روزويلٽ هوٽل جي ڊولپمينٽ بابت معاهدي دوران موجود آهي

دادو ويجهو جهلو ٽاڻي جي حد ۾ دادو مورو لنڪ روڊ تي خوفناڪ حادثو، 2 نوجوان فوت

زخمين ۾ هڪ نوجوان موقعي تي فوت ٿي ويو، ٻيو زخمي سول اسپتال دادو ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو

ٻنهي فوتين جو تعلق ڪڇي جي ڳوٺ نواب ڪوريجو سان ٻڌايو پيو وڃي، فوتين جي سڃاڻپ نياز احمد ڪوريجو ۽ وحيد احمد ڪوريجو طور ٿي

ٻئي نوجوان جيڪي موٽرسائيڪل تي سوار هئا دادو کان پنهنجي ڳوٺ اچي رهيا هئا ته سندن موٽرسائيڪل کي ڪنهن گاڏي جو زوردار ٽڪر لڳو: پوليس

دادو (ن سنڌيار) دادو ويجهو جهلو ٽاڻي جي حد ۾ دادو مورو لنڪ روڊ تي خوفناڪ حادثو 2 نوجوان موٽرسائيڪل سوار حادثي جو شڪار ٿي ويا. زخمين ۾ هڪ نوجوان موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻيو زخمي سول اسپتال دادو ۾ علاج دوران فوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوانن جا لاش اسپتال ۾ پيل آهن

ٽنڊو باگو ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار پاران شهر ۾ گهر گهر وڃي چونڊ مهم هلائي

ٽنڊو باگو جي عوام پي ٽي آئي جي اميدوارن کي 8 فيبروري تي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪري ۽ ظلم جو بدلو ووٽ سان وٺي: غلام رسول دل

عمران خان عوام کي شعور ۽ سجاڳي ڏني آهي، جنهن جي سزا ڀوڳي رهيو آهي، عوامي حقن جي سوديبازي نه ڪئي

وڏي عرصي کان سنڌ تي راڄ ڪندڙ ڪرپٽ ٽولي مان جان ڇڏائڻي آهي ته عوام پي ٽي آئي کي ڪامياب ڪري

ٽنڊو باگو (رپورٽ: رفاقت جروار) ٽنڊو باگو جي صوبائي تڪ پي ايس 70 تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار علي اڪبر ليل ۽ پي ٽي آئي ورڪرن پاران ٽنڊو باگو شهر ۾ ڊور ٽو ڊور ورڪ. عوام پاران آجيان ۽ ڀرپور حمايت. ان موقعي تي اير پي اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو باگو: پي ٽي آءِ جو اڳواڻ جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي پي ايس 98 ۽ اين اي 235 تي پ پ اميدوارن جي پوزيشن مضبوط ٿي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پي ايس 98 ۽ اين اي 235 تي پ پ اميدوارن جي پوزيشن مضبوط ٿي وئي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين ۾ ”ٽرف روڊ بائيڪ ريلي“ بدين پهچڻ تي ڪمشنر پاران شاندار آجيان ڪئي وئي

95 موٽرسائيڪلن تي مشتمل ريلي مٽان گلن جي ورکا، سنڌ جي سڪرئي اجرڪن جا تحفا پڻ ڏنا ويا

هن ريلي جو مقصد ملڪ جي خوبصورت علائقن ۾ سياحت کي فروغ ڏيڻ آهي: ڪمشنر بدين

ترجي خوبصورتي کي دنيا آڏو آڻڻ لاءِ هي ٽريلي ڪيدي وئي آهي هن ريلي ۾ ۽ عورتون پڻ شامل آهن: ڊائريڪٽر

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) سياحت کي هتي وڌائڻ لاءِ هيوي موٽرسائيڪلن تي مشتمل ”ٽرف روڊ بائيڪ ريلي“ جي بدين پهچڻ تي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر ۾ پ پ جي ورڪرن پاران 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن جي حوالي ڪارنر گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي

گڏجاڻي ۾ خورشيد شاهه جي پٽ زيرڪ شاهه جي شرڪت، شاندار استقبال ڪيو ويو، وڏي انگ ۾ ماڻهو شريڪ

اڄ گڏجاڻي منعقد ڪئي آهي، اها قابل تحسين آهي، عوامي ميڙاڪي اهو ثابت ڪيو آهي ته عوام پ پ کي چاهي ٿو: زيرڪ شاهه

گيس، بجلي، جو مسئلو رڳو سکر ۾ ناهي هر هنڌ اهو مسئلو هلي رهيو آهي، ڊرينيج سسٽم جو ڪم جاري آهي: گڏجاڻي کي خطاب

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر ورڪر سيد زاهد حسين شاهه پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

پي ايس 76 ميرپور ساڪرو پ پ جي اميدوار علي حسن زرداري پاران چونڊ مهم جاري

ٺٽو (رپورٽر) پي ايس 76 ميرپور ساڪرو پيپلز پارٽي جي اميدوار علي حسن زرداري چونڊ مهم جي سلسلي ۾ حلقي جي مختلف ڳوٺن جو دورو ڪيو عوام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر: پ پ ٿيل جلسي ۾ اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

عمرڪوٽ ۾ سيد سردار علي شاهه پاران پنهنجي تڪ ۾ انٽري اليڪشن مهم بابت وڏو جلسو منعقد

ps49 ۾ شادي پلي ۽ پٿورو ۾ پ پ اميدوار سردار علي شاهه اليڪشن مهم پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي

پيپلز پارٽي ڳڙهي خدابخش جي اڇي گنبذ ۽ ان ۾ ڇتن شهيد دفن ٿيلن جي پارٽي ۽ عوامي پارٽي آهي

منصور احمد ٻگٽي ظهور ٻگٽي الله بخش شر احمد علي آريسر محرم شر دولت مالهي ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ

عمرڪوٽ (رپورٽر) پٿورو ۾ PS49 جي نامزد اميدوار سيد سردار علي شاهه جي پنهنجي تڪ ۾ انٽري اليڪشن مهم بابت وڏو جلسو منعقد ڪيو ويو پٿورو جي ps49 ۾ شادي پلي ۽ پٿورو ۾ پ پ اميدوار سيد سردار علي شاهه اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ميرپور ماٿيلو ۾ پ پ جي اميدوار سردار عبدالباري خان پتافي جلسو هزارين ماڻهن جي شرڪت

جلسي کي عبدالبار خان پتافي، ميان منظور احمد، ميان شفيق احمد، سردار شڪيل خان راڄڙي ۽ ٻين خطاب ڪيو

عوام هتان جي وڏيرن ۽ سردارن کي سڃاتي ورتو آهي، عوام هن ڀيري به پيپلزپارٽي کي ڪامياب ڪندي: عبدالباري پتافي

ڪجهه پ پ جا اميدوار تير جو نشان وٺي تير جي مخالف اميدوار جي حمايت ڪن پيا: جلسي ۾ خطاب

ميرپورماٿيلو (رپورٽر: ظهير وسير) پاڪستان پيپلز پارٽي پي ايس جي اميدوار سردار عبدالباري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڇهين سنڌ ڪاليج گيمز ريجن لاڙڪاڻو جي سلسلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ ڪاليجز پاران مقابلا جاري

لاڙڪاڻو (رپورٽر) ڇهين سنڌ ڪاليج گيمز ريجن لاڙڪاڻو جي سلسلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ ڪاليجز لاڙڪاڻو ريجن جي نگراني هيٺ گورنمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ميرپور ماٿيلو: پ پ اڳواڻ عبدالباري پتافي جلسي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

دادو ضلعي جي تعليم کي بهتر ڪرڻو آهي زرعي انقلاب جي سخت ضرورت آهي: محمد عمران پنهور

دادو ۾ يونيورسٽين جي ضرورت آهي، گاج ڊيم جي مڪمل بحالي تائين پنهنجي جدوجهد جاري رکندس

عوام مون کي گهڙيال تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪري ته سندن خوشحالي جو هڪ نئون باب شروع ٿي ويندو

منهنجي نيت ۾ هتان جي عوام جي خوشحالي ۽ امن وامان کي ترجيح آهي: پريس ڪانفرنس دوران ڳالهيون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) عام اليڪشن 2024 دادو جي اين اي 228 دادو جوهي جو آزاد اميدوار محمد عمران خان پنهور دادو ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته دادو ضلعي جي تعليم کي بهتر ڪرڻو آهي زرعي انقلاب جي سخت ضرورت آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

بدين ۾ ڊي آءِ جي جيل محمد ناصر پاران اوپن جيل جو تفصيلي دورو

اوپن جيل کي پنهنجي اصل حالت ۾ آڻڻ لاءِ ڪميٽي تشڪيل ڏني وئي آهي: ڊي آءِ جي جيل

سنڌ حڪومت جيلن جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، جيلن کي ڊجيٽل ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ريجن جي سمورين جيلن ۾ وڻ لڳايا پيا وڃن، بدين جيل جي اندر ۽ ٻاهر وڏي تعداد ۾ ماحول دوست ٻوٽا لڳايا پيا وڃن: دوري دوران ڳالهيون

بدين (رپورٽر: مرتضيٰ ميمڻ) ڊي آئي جي جيل محمد ناصر خان بدين ويجهو تاريخي حيثيت رکندڙ اوپن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

دادو ۾ سماجي تنظيم سيتا سرجهار فورم پاران ريل گاڏي جي بحالي لاءِ احتجاج جاري

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي تاريخي ۽ قديم شهر سيتا جي سماجي تنظيم سيتا سرجهار فورم جي جدوجهد کي هڪ سال 11 ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

بدين: ڊي آءِ جي جيل محمد ناصر اوپن جيل جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪراچي پي ايس 98 جي عوام جا ڏک ۽ تڪليفون ڏسي ميدان تي لٿا آهيون: پيارو خان ڦل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پي ايس 98 جي عوام جا ڏک ۽ تڪليفون ڏسي انهن کي حل ڪرائڻ لاءِ ميدان تي آيا آهيون. جي ڊي اي اميدوار عوام جيڪا موٽ ڏيئي رهي آهي، آءُ عوام جو بيحد ٿورائتو آهيان 8 فيبروري انشا الله جي ڊي اي جي فتح آهي. پيارو خان ڦل ڀوتو پي ايس 98 تي جي ڊي اي جي اميدوار پيارو خان ڦل ڀوتو وڊيو چيو ته سنڌس اليڪشن ۾ بيهڻ بعد سنڌس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو ۾ اليڪشن جي حوالي سان پ پ چونڊ جلسو هزارين ڪارڪنن جي شرڪت

پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي، عوام جي ووٽ جي طاقت سان ضلعي ۾ پ پ جا اميدوار اڪثريت سان ڪامياب ٿيندا: رفيق جمالي

بلاول ڀٽو زرداري جي 10 نقاطي پروگرام جنهن ۾ ملڪ ۾ هاري ڪارڊ، يوٿ ڪارڊ، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا پيسا ٻيڻا ڪيا ويندا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) عام اليڪشن 2024 دادو ويجهو ڳوٺ محمد خان خشڪ ۾ عوامي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 228 دادو جوهي جي پ پ پاران نامزد اميدوار رفيق احمد جمالي چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

گمبٽ جي قديمي قبرستان سنت آڏو رام جي جائز سهولتن نه ڏيڻ خلاف احتجاج

قبرستان جون ڪافي قبرون برساتي پاڻي قبرستان ۾ بيهڻ سبب ڊهي ڪر ٿي ويون: مظاهرين

رولو ڪتن پنهنجا آستان ناهي ورتا آهن ۽ قبرستان جي درگاهه مان روزانو چوري ٿي رهي آهي

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ جي قديمي قبرستان سنت آڏو رام جي جائز سهولتن نه ڏيڻ خلاف هندو اتحاد جي اڳواڻ بيشر ڪمار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ايس ايس پي ٺٽي پاران انساني حقوق کاتو حڪومت جي آفيس جو دورو

الطاف حسين ٽنيو ايس ايس پي کي شڪايت سيل جي حوالي سان مڪمل تفصيل ڏنا

ايس ايس پي سيل مان نشاندهي ڪيل مسئلن کي اوليت جي بنياد تي حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو

ٺٽو (رپورٽر) ايس ايس پي ٺٽو آفتاب احمد نظاماڻي شڪايت انساني حقوق کاتو حڪومت جي آفيس جو دورو انچارج شڪايت سيل الطاف حسين ٽنيو ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ماتلي ۾ اليڪشن جي حوالي سان پيپلزپارٽي پاران نامزد اميدوارن جون پارٽي ۾ ڪارنر گڏجاڻيون

مير غلام علي ٽالپر ۽ حاجي محمد ڏاڏا هاليپوٽو کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ويو

عدنان گبول قائمخاني عبدالرحيم راجپوت بابو سيوڪ، عبدالرحمان هاليپوٽو ۽ ٻين پاران شرڪت

ماتلي (رپورٽر) ماتلي ۾ 8 فيبروري 2024 ۽ اليڪشن جي حوالي سان پيپلزپارٽي پاران ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين: ڊپٽي ڪمشنر ايس ايس پي ۽ ٻيا بائيڪ ريلي جي آجيان ڪندي

ٽنڊو آدم پ پ ٽنڊو آدم جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري پاران حيسڪو خلاف احتجاجي مظاهرو

جنرل سيڪريٽري جاويد بلوچ حيسڪو ٽنڊو آدم ون خلاف ميڊيا ڪلب ٽنڊو آدم پهچي احتجاج ڪيو

بجلي جا ٿنڀا لڳل نه آهن گهرن ڏانهن مليل بجلي جون سروس تارون تمام پري کان ڏنيون ويون آهن: اڳواڻ

ٽنڊو آدم (رپورٽر) ٽنڊو آدم پ پ پ ٽنڊو آدم جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري جاويد بلوچ حيسڪو ٽنڊو آدم ون خلاف ميڊيا ڪلب ٽنڊو آدم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو آدم جماعت اسلامي پاران اين اي 210 تي نامزد اميدوار پاران گڏجاڻيون منعقد

ڪامران عزيز غوري، پي ايس 43 ٽنڊو آدم تي نامزد اميدوار مشتاق عادل پريس ڪانفرنس ڪئي

جماعت اسلامي اقتدار ۾ نه هجڻ باوجود عوامي ڪمن ۾ اڳڀري رهندي آئي آهي: اميدوار مشتاق عادل

ٽنڊو آدم (رپورٽر) ٽنڊو آدم جماعت اسلامي پاران اين اي 210 تي نامزد اميدوار ڪامران عزيز غوري، پي ايس 43 ٽنڊو آدم تي نامزد اميدوار مشتاق عادل، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گمبٽ پرسان ڳوٺ نواب خان جتوئي جي رهواسين عورتن ۽ مردن جو احتجاجي مظاهرو

عورتن ۽ مردن جو اغوا جي ڪوڙي ڪيس خلاف داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

خريداري لاءِ آيل 18 سالا ناري حفيظان ولد بشير احمد جتوئي مبينا طور گم ٿي وئي: مظاهرين

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ پرسان ڳوٺ نواب خان جتوئي جي رهواسين عورتن ۽ مردن جو اغوا جي ڪوڙي ڪيس خلاف داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

مٽي لڳ ڪاٽيو ۾ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جو ڪاٽيو ۾ لياقت ٽوگاڻي پاران جلسو منعقد

انتقام واري سياست ڪڏهن ڪئي ناهي انتقام واري سياست پ پ جو منشور آهي: ارباب غلام رحيم

جي ماڻهن کان حق کسيا ويا آهن ته هن پنهنجو ووٽ ڏسي ڪري ڏيو ته متان اهڙو رنگ بدمعاش نه ناهي

ملي (رپورٽر) ملي لڳ ڪاٽيو ۾ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جو ڪاٽيو ۾ لياقت ٽوگاڻي پاران جلسو منعقد ڪيو ويو جلسي ۾ سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دوڙ ۾ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ جي پهرين ورسي ڳوٺ ۾ ملهائي وئي

ڳوٺ ابراهيم ڪيڙانو ۾ عوامي تحريڪ جي جلسي ۾ ڪيترائي اڳواڻ شريڪ

گل حسن ڪيڙانو لطيف جي ڪاهوڙي ڪردارن جو عملي روپ ۽ جدوجهد جي علامت هو: اڳواڻ

دوڙ (ن سنڌ يار) عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ گل حسن ڪيڙانو جي پهرين ورسي دوڙ لڳ سندس اباڻي ڳوٺ ابراهيم ڪيڙانو ۾ ملهائي وئي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دوڙ: عوامي تحريڪ طرفان گل حسن ڪيڙانو جي ورسي کي اڳواڻ خطاب ڪندي

احمدپور پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي پ پ تعلقي ڪنگري جي صدر پاران مبارڪون

پ پ تعلقي صدر ڪنگري جي صدر پريس ڪلب تي پهچي کين مبارڪون ڏنيون ۽ گلن جا هار پارايا ويا

چونڊن ۾ ڪامياب ٿيل عهديدارن صدر خواجه بدرالدين، سينيئر نائب صدر قيوم ميتلو کي مبارڪون ڏنيون

احمدپور (رپورٽر) احمدپور پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي پ پ تعلقي ڪنگري جي صدر پريس ڪلب تي پهچي کين مبارڪون ڏنيون ۽ گلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪنب ۾ ڪيميڪل وارو ڪيرو ڪرو ٿيڻ سبب پيٽ جون بيماريون جنم وٺڻ لڳيون

اڪثر هوٽلن تي ڪيميڪل واري زهريلي ڪير مان چانهه تيار ٿيڻ لڳي آهي: ذريعن جي دعويٰ

شهر جي ساڃاهه وندن پاران ڪيميڪل وارو ڪير وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي جي گهر ڪري ڇڏي

ڪنب (رپورٽر) ڪنب شهر ۾ ڪيميڪل وارو ڪير وڪرو ٿيڻ سبب شهرين ۾ پيٽ جون بيماريون جنم وٺڻ لڳيون اڪثر هوٽلن تي ڪيميڪل واري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

پيپلزپارٽي هميشه ملڪي آئين جي مطابق عوام کي رليف ڏنو آهي: ندا عاصمر

اين اي 233 جو عوام 8 فيبروري تي تير کي نشانو بڻائي بلاول ڀٽو کي ڪامياب ڪري

عورتن ۽ واپارين جي حقن جو تحفظ ڪيو آهي، شهيد ڀٽو جي فلسفي تي عمل ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) اين اي 233 پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار ندا عاصمر چيو آهي ته اين اي 233 جو عوام 8 فيبروري تي تير کي نشانو بڻائي بلاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ۾ آصف ڀٽو زرداري جو نوشهرو فيروز شهر پهچڻ تي شاندار استقبال

8 فيبروري تي فتح جو ڏينهن آهي، پ پ عوام جي پارٽي آهي، سنڌ جو عوام اسان جي نمائندن تي يقين رکي ٿو: آصف ڀٽو

اسان عوام جي خدمت واري جذبي سان سياست ڪيون ٿا، اسان غريبن هارين مزدورن کي 3 لک گهر ناهي ڏينداسين

هاري ڪارڊ ڏيئي خوشحالي آڻينداسين، بيروزگاري ۽ مهانگائي جو خاتمو اسان جي اولين ترجيح آهي: ريلي کي خطاب

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نياڻي آصفه ڀٽو زرداري جو نوشهرو فيروز شهر پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو، چونڊ مهم جي سلسلي ۾ ريلي کي خطاب ڪندي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته 8 فيبروري تير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: آصفه ڀٽو زرداري ريلي کي خطاب ڪري رهي آهي

چيلهار. جي ڊي اي اڳواڻن پاران چيلهار پريس ڪلب پهچي باڊي کي مبارڪون پيش

ملي (رپورٽر) چيلهار جي ڊي اي اڳواڻ ارباب فهد الرزاق، ارباب ظهور چيلهار پريس ڪلب پهچي نئين چونڊيل باڊي کي شالون اوڍائي مبارڪون ڏنيون. ان موقعي تي جي ڊي اي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسين ايستائين پراميد آهيون ته اليڪشن فعر ٿيڻ وڃين پئي، هنن چيو ته اسان جو هر ان پارٽي سان مقابلو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهرو فيروز پوليس پاران گهران ڪنييل نوجوان کي گولي هڻي مقابلي جي دعويٰ

ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو، فائرنگ ۾ هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو: ايس ايڇ او

ڏوهاري جي قبضي مان هڪ ڪلاشنڪوف هٿ آئي، قومي شاهراهه تي ڪافي ڏوهن ۾ گهربل هو

پوليس رات جو اسان جي گهرن ۾ گهڙي اسان جي مردن جاني وسطڙو ڪنيي ڪٽي ويئي هئي: زخمي ڏوهاري جا وارث

نوشهرو فيروز (د ر) نوشهرو فيروز پوليس گهران ڪنييل جاني وسطڙو کي گولي هڻي مقابلي جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس ترجمان پڌرو ڪيو آهي ته سٽي ٿاڻي نوشهرو فيروز جي حد ۾ ايس ايڇ او هدايت الله بجاراڻي پوليس نفري سان ڏوهه جي ارادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر ۾ سياسي سماجي شخصيت ۽ آزاد اميدوار سردار الاهي بخش انيل ڀٽي چونڊ مهم جاري

ٿرمل پاور پلانٽ بحال ڪرائينداسين، رڳو لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي ٿيندي سيپڪو کي به فائدو ملندو: الاهي بخش انيل ڀٽي

ڊينٽر پينٽر ڪالوني ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ سميت ٻين درپيش مشڪلاتن کان آگاهه ڪيو ويو

ڊينٽر پينٽر ڪالوني جي سمورن ووٽرن سردار الاهي بخش انيل ڀٽي سان گڏ پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سياسي سماجي شخصيت ۽ پي ايس 24 جي آزاد اميدوار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: دوري دوران آزاد اميدوار ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

بلاڙي شاهه ڪريم جي ٿيا هي جا ذميوار 15 سال حڪومت ڪندڙ آهن: سرواڻ مگسي

بلاڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) پريس ڪلب بلاڙي شاهه ڪريم جو اڳوڻو چيئرمين ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز جي ڳوٺ ۾ ٻار ارڙي وگهي فوت، هفتي اندر 3 ٻار ارڙي ۾ فوت ٿي چڪا

ڳوٺ وڏو ڏنگراج ۾ ارڙي جي بيماري وڌي ويئي، رياض حسين مزاري جو ٻن سالن جو ٻار ارڙي ۾ فوت ٿي ويو

3 ٻار ارڙي سبب زندگي وڃائي ويٺا، ارڙي سبب فوت ٿيل ٻارن ۾ حاجي شمس الدين جي 3 ورهين جي نياڻي، مبارڪ رند جو هڪ سال جو ٻار شامل

ڳوٺ جا وڏي انگ ۾ ٻار ارڙي ۾ ورتل آهن پر صحت کاتي پاران ارڙي جي بيماري ۾ مبتلا ٻارڙن جي ڪا به سار ناهي لڌي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ڳوٺ وڏا ڏنگراج ۾ ٻن سالن جو ٻارڙو ارڙي وگهي فوت ٿي ويو جڏهن هفتي اندر 3 ٻارڙا ارڙي ۾ فوت ٿي چڪا آهن. ڳوٺ وڏو ڏنگراج ۾ ارڙي جي بيماري ويا جيان پکڙجي وئي آهي جنهن سبب ڳوٺاڻي رياض حسين مزاري جو ٻن سالن جو ٻارڙو ارڙي جي بيماري ۾ فوت ٿي ويو جڏهن ته ان کان اڳ گذريل هڪ هفتي اندر ساڳئي ئي ڳوٺ ۾ ٻه ٻيا ٻارڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شڪارپور ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران جي يو آءِ جي اميدوارن جي حمايت جو اعلان

اين اي 193 اين اي 192 پي ايس 7، 8 ۽ 9 تي جي يو آءِ جي نامزد اميدوارن جي اليڪشن ۾ حمايت جو اعلان ڪيو آهي

پ پ جي 15 سالن واري بدترين دور جي پڄاڻي ٿي آهي، پيپلزپارٽيءَ ڪربين رپين جي ڪرپشن ڪئي آهي: اميدوار

مخالفن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي هيسايو ويو آهي 8 فيبروري سمورن زيادتين جي پلاند جو ڏينهن آهي

شڪارپور (رپورٽ عبدالخالق سومرو) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران جنرل اليڪشن ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي اميدوارن جي حمايت جو اعلان 3 ۽ 4 فيبروري تي خانپور ۽ شڪارپور ۾ ڪارنر جلسا ڪرڻ جو فيصلو، وقت اچي ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پرياستي پرسان پ پ جي اميدوارن جي مان ۾ جلسو ٿي گڏريو، ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

جلسي ۾ هزارين جي تعداد ۾ پارٽي اڳواڻن ڪارڪنن، عورتن ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اڄوڪي جلسي ۾ آيل هزارين ماڻهن جنهن نموني اسان جو استقبال ڪيو آهي هتان جو عوام پ پ سان گڏ آهي: خطاب

مخالف هينئر ئي پنهنجي شڪست ڏسي وائيڙا ٿي ويا آهن، انهن وٽ عوام جي لاءِ ڪو به پروگرام نه آهي: علي شير راجپوت

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) پرياستي ويجهو ڳوٺ حاجي درياخان جلباڻي ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

پرياستي: ڳوٺ حاجي درياخان جلباڻي ۾ ڪوٺايل ڪارنر گڏجاڻي جو ڏيک

شڪاگو فرينڊز آف پاڪستان جي پليٽ فارم تي ٻوڏ متاثر ٻي گهر متاثر غريبن جي سهائتا

ٺٽو (رپورٽر) پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو شڪاگو فرينڊز آف پاڪستان جي پليٽ فارم تي ڪجهه خدا ترس، رحمدل ۽ سخي ماڻهو گڏيل طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ پ پ اميدوار پير مجيب الحق پاران چانهه پارٽي ۾ شرڪت

پ پ وٽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ جيڪي منصوبا بندي آهي اها ملڪ جي ٻي ڪنهن جماعت وٽ نه آهن: پير مجيب الحق

8 فيبروري تي دادو جو عوام پ پ مخالفن کي چونڊن ۾ بدترين شڪست ڏيندو، وفاق ۾ به حڪومت ٺاهينداسين

اسان گذريل ڪيترن ئي اليڪشنن ۾ ڪامياب ٿي آيا آهيون ۽ دادو جي عوام اسان کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) عام اليڪشن 2024: پ پ پ جو نامزد اميدوار صوبائي اسيمبلي تڪ 82 دادو بئريسٽر پير مجيب الحق دادو شهر جي شهباز ڪالوني ۾ عبداللطيف چانڊيو جي ڏنل چانهه پارٽي ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سانگهڙ ۾ پ پ جي چونڊ مهم جاري، مختلف وارڊن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون

ريلي ۾ مير فيض الله ٽالپر، وارث خان رند، شير محمد، مير بهادر خان ٽالپر، تاج محمد ڏاهري ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي

پ پ هميشه غريب عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ اڳتي هلي اسان سرخرو ٿي عوام جي خدمت ڪنداسين

اسان کي 8 فيبروري تي تير تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪرائيندا ته مخالفن جو بلڪل صفايو ڪيو ويندو: ريلي ۾ خطاب

ڪنڊڙو (رپورٽر: ثناءالله ٽالپر) ضلعي سانگهڙ تي بيٺل پيپلزپارٽي NA 210 جو اميدوار وڏيرو صلاح الدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سانگهڙ: چونڊ مهم جي ورڪ دوران ٿيل گڏجاڻي ۾ اڳواڻ شريڪ آهي

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران قادر مگسي جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي طرفان پي ايس 67 بلڊي ڪريم شاهه واري صوبائي تڪ تي عام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

احمدپور لڳ ڳوٺ خوش محمد سنديلو ۾ پ پ اميدوارن پاران ڪارنر گڏجاڻيون

مڙسن سان ملاقاتون ڪيون ويون ۽ برادريءَ جي معزز شخصيتن پاران ڀرپور حمايت جو اعلان

پ پ اڳواڻن شڪيل احمد سنديلو، اعجاز احمد سنديلو، سردار غلام مصطفيٰ سنديلو، غلام سرور شريڪ

محمد شاهه بخاري، انور علي خان ڪانهر ۽ ٻين پ پ اڳواڻن ورڪرن ڪارڪنن پاران وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

احمدپور (رپورٽر) احمدپور لڳ ڳوٺ خوش محمد سنديلو ۾ پيپلزپارٽي جي نامزد اميدوارن پاران ڪارنر گڏجاڻيون مختلف برادرين جي ڄڻن مڙسن سان ملاقاتون ڪيون ويون ۽ برادريءَ جي معزز شخصيتن پاران ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 03 جنوري 2024ع

بجليءَ ۽ تيل جي اگهن ۾ واڌ

اسان جي حڪمرانن جو جيڪڏهن وس پڄي ته اهي عوام جي ساهه کڻڻ تي به ٽيڪس لڳائيندي دير نه ڪن. اهي عوام جي جيئڻ جا گس سوڙها ڪرڻ جو ڪو به موقعو نٿا وڃائين. ڏينهون ڏينهن عوام تي ستم جون نيون مشقون آزمائيندا وڃن ۽ حالت انهن جي قدمن سان اتي وڃي بيٺي آهي، جو ماڻهن لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي. نگران حڪمرانن جي پنجن ڇهن مهينن واري عرصي ۾ عوام کي گهٽي ۾ گهٽو پيڙيو ۽ نپوڙيو ويو آهي. گئس جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافو ڪيو ويو آهي ۽ اڃان به ان جي قيمت وڌائڻ جا سانباها ڪيا پيا وڃن. هاڻي وري چوڻدن کان اڳ عوام کي هڪ ٺي وقت پيٽروليم مصنوعات ۽ بجلي جي قيمتن ۾ واڌ جو تحفو ڏنو ويو آهي. نگران حڪومت پيٽرول جي قيمت ۾ 13 رپيا، 55 پئسا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمتن ۾ 2 رپيا، 75 پئسا في ليٽر واڌ ڪري ڇڏي آهي، لائٽ ڊيزل جي قيمت ۾ 2 رپيا، 3 پئسا واڌ جي منظوري ڏني وئي آهي، جڏهن ته بجلي جي قيمتن ۾ 5 رپيا، 62 پئسا في يونٽ جي حساب سان واڌ ڪري ڇڏي آهي، جيڪا واڌ ڊسمبر مهيني جي فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي آهي ۽ ان حساب سان عوام کان اضافي 49 ارب رپيا اوڳاڙيا ويندا.

حڪمرانن عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڪڏهن تيل جون قيمتون وڌايون وڃن ٿيون، ڪڏهن گئس جي اگهن ۾ اضافو ڪيو وڃي ٿو ته ڪڏهن وري بجليءَ جا جهٽڪا ڏيئي ماڻهن جو رت ۽ ست نپوڙيو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪنهن هڪ اسم جي قيمتن ۾ چند ڪسيرن جي رعايت ڏيئي وري ٻي اسم جي اگهه ۾ رڪارڊ واڌ ڪري ماڻهن جي کيسي تي اهڙو ڌاڙو هنيو وڃي ٿو، جنهن ڌاڙي جي اڳيان دنيا جا وڏي ۾ وڏا ڌاڙا به هيچ آهن. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته نيبرا طرفان رڳو هڪ مهيني جي فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ 49 ارب رپين جي ڌاڙيوالي ڪا معمولي ڳالهه ته ناهي. جڏهن به تيل، بجلي ۽ گئس جي قيمت وڌي ٿي ته هر شيءِ جا اگهه وڌي وڃن ٿا، ڇو ته انهن اسمن جي قيمتن ۾ واڌ جي ڪري شين جي پيداواري لاڳت پڻ وڌي ٿي ۽ ٽرانسپورٽيشن جا خرچ به وڌن ٿا. واضح رهي ته ڪنهن به اسم جي قيمت ۾ ٻارڻ جي قيمت پڻ شامل هوندي آهي. هڪ ته تيل، گئس ۽ بجليءَ جون قيمتون وڌائي سڌيءَ ريت عوام تي بار وڌو وڃي ٿو ته ٻئي طرف ان واڌ سان مهانگائي جو به طوفان اچي ٿو، جنهن کي عوام پوڄي ٿو. هڪ پاسي اگهن ۾ هيڪوٽي واڌ ٿئي ٿي ته ٻئي طرف واپاري ۽ دڪاندار پنهنجي مرضيءَ جا اگهه وٺي ٻيٽو ڌاڙو هڻن ٿا ۽ عوام کي ان مهانگائي کان بچائڻ لاءِ حڪمرانن وٽ ڪو به مڪينزم ڪونهي. انهن ته هر ڪوٽ ۽ خسارو عوام مان پورو ڪرڻ ۽ هر بار جي لاءِ عوام جي ڪلهي جي چونڊ ڪري ورتي آهي. تيل جي قيمتن ۾ واڌ لاءِ اهو چيو ويو ته عالمي مارڪيٽ سان مطابقت لاءِ قيمتن جو هر پندرهين ڏينهن نئين سر تعين ڪيو ويندو پر ڏٺو اهو ويو آهي ته جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ لاٿ وارو رجحان هوندو آهي، تڏهن به هتي قيمتون وڌايون وينديون آهن.

جيتري قدر بجليءَ جو تعلق آهي ته هتي حڪمران بجليءَ جا متبادل ۽ سستا ذريعا استعمال ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. هڪڙو حل ته اهو به آهي ته ماڻهن کي بنا وياج سولر سسٽم آسان قسطن تي ڏنو وڃي ۽ بجلي جي بل بدران ان سولر سسٽم جي قسط وصول ڪئي وڃي پر حڪمران ائين ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ اهي ڪرڻ به نه چاهيندا، ڇو ته جيڪڏهن اهي ائين ڪن ته آءِ پي پيز جا ڪئپسٽي چارجز ڪير ادا ڪندا؟ هن وقت سياسي پارٽيون پنهنجي اليڪشني منشور ۾ بجليءَ جا فري يونٽ ڏيڻ جا اعلان ڪري رهيون آهن پر اصل حل اهو آهي ته فري يونٽن بدران بجلي جا اگهه گهٽ ڪيا وڃن ته جيئن اها غريب غربي جي پهچ ۽ دسترس ۾ هجي.

سياسي پارٽيون ۽ دوکي ۾ ورتل عوام جو درد ؟؟؟

غلام مصطفي جمالي

اليڪشن سال 2024ع جي ڊوڙ ۾ هر سياسي پارٽي ٻئي سياسي پارٽي کان اڳيان نڪرڻ ۽ نهن چوٽي جو زور لڳائي رهيو آهن سنڌرا پٽي هڪ ٻئي جي چونڊا پٽ ڪري رهيون آهن عمران خان جي حڪومت ۾ جيڪي پارٽيون هڪ ٻئي سان گوڏو گوڏي ۾ ملهائي هاڻ ۾ ڪير ڪنڊ هنيون اهي ساڳيون پارٽيون هڪ ٻئي جا خوب عيب ڪڍي ڪري هڪ ٻئي کي تنقيد جو منشانو بڻائي رهيون آهن هڪ ٻئي جي منشور ۽ ايجنڊا مان عيب تلاش ڪري رهيو آهن. پر مان سمجهان ٿو ته ايتري قدر هڪ سياسي پارٽي ٻئي پارٽي مان عيب تلاش ڪندي سندس منشور کي ڪوڙو قرار ڏيندي آهي ڪاش اها سوچ اسان عوام کي اچي وڃي اسانکي سياسي پارٽين جي حقيقي منشور جي خبر پئجي سگهي سياسي پارٽين جو اسان وٽ ته مان سمجهان ٿو منشور ڪاٿو ۽ ڪارايو آهي باقي عوام وڃي ڪڏ ۾. پر اها ڳالهه هن عوام کي ڪير سمجهائي. منشور ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جو پروگرام هوندو آهي جيڪو ان جي ايندڙ ۽ مستقبل جي ايڪشن پلان جي عڪاسي ڪندو آهي، جنهن ذريعي سياسي پارٽي ۽ ان جي قيادت عوام کي ٻڌائيندي آهي ته هو اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ انهن لاءِ ڇا ڪندا ۽ ان جي تڪليف مسئلن جي حل لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويندا. مطلب ته ڇڻ ته منشور ڪنهن به سياسي پارٽي ۽ ان جي قيادت جي مستقبل جو روڊ ميپ هوندو آهي. تاريخي طور ڪميونسٽ پارٽيءَ جو منشور هڪ اهڙو دستاويز آهي، جنهن تي نه رڳو بالشويڪ پارٽي هڪ عظيم سوشلسٽ رياست ٺاهي، پر سيني سوشلسٽ ملڪن لاءِ هڪ معيار جي حيثيت رکي. هي منشور ڪميونزم کي مختصر طور سمجهڻ لاءِ هڪ اهم دستاويز آهي. جمهوري نظام جي سياست ۾ به منشور سياسي پارٽيءَ لاءِ هڪ مقدس دستاويز هوندو آهي. اليڪشن 2024ع ۾ ٽي چار قومي پارٽيون اليڪشن ۾ حصو وٺي رهيون آهن. پاڪستان تحريڪ انصاف پاڪستان مسلم ليگ (نواز). پاڪستان پيپلز پارٽي، جماعت اسلامي ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان کان علاوه جمعيت علماء اسلام. ايم ڪيو ايم جي ڊي اي ۽ ٻيون علائقائي پارٽيون ايڪشن جي ميدان ۾ آهن. جنهن ۾ ولي خان

پارٽي وغيره به اليڪشن ۾ حصو وٺي رهيون آهن ٽي پارٽيون جن ۾ پي ٽي آءِ، پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ نواز مرڪزي سياسي پارٽيون آهن. جن جو ووٽ بئنڪ آهي ۽ انهن کي مرڪزي ۽ صوبائي سطح تي حڪمراني ڪرڻ جو تجربو آهي. پيپلز پارٽي پاڪستان جي سڀ کان سينيئر سياسي پارٽي آهي. جيڪا ڏکي عرصي کان پوءِ جي رد عمل ۾ ٺاهي وئي. جنرل ايوب خان جي حڪومت 1947ع کان 1956ع تائين جي 9 سالن جي حڪمراني ۾ سياستدانن ۽ سول بيوروڪريسي جي ملي ڀڳت ۽ جمهوريت خلاف بيوروڪريسي جي سازشن جو نمايان ڪردار رهيو. ان ۾ سپريم ڪورٽ به ناڪاري ڪردار ادا ڪيو. جنهن ۾ 6 ڍاڪا گذرڻ باوجود به نظام پوءِ به سيڙهي تي چڙهي نه سگهيا. پوءِ جنرل ايوب خان جيڪو اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو هو، تنهن رات ڏينهن قتل ڪري هن نظام کي لٽيو. 1958ع ۾ ڀهريون مارشل لا لاڳو ڪري ملڪ جي سياسي نظام ۾ فوجي مداخلت ڪئي ۽ اسان جي نظام جو رستو هموار ڪيو. جنهن ڪري ملڪ ۾ آمريت جي قيام ڪانپوءِ حڪومتون اچا تائين ان ظلم ۽ مداخلت مان ٻاهر نه اچي سگهيون آهن.

پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو مثال ڏسو. شهباز شريف کي ڪليل طور تي فوج جو پسنديده ليڊر چيو وڃي ٿو. ڪيس ان شهرت يا شهرت کان ڪا به الرجي يا ناپسنديده نه آهي. جڏهن ته ٻئي طرف نواز شريف ۽ سندس ڌيءَ مريم نواز کي اسٽيبلشمينٽ ۽ عوام جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ چيلينج ڪيو ويو آهي. ووٽ جي عزت جي محافظ طور سڃاتو وڃي ٿو. نواز شريف جنرل ضياءُ الحق جي انجنيئرنگ جو شاهڪار آهي. ٻئي طرف پيپلز پارٽيءَ ۾ نمايان چهرا آهن. بلڪ اهي ٻئي چهرا سندس سياسي حڪمت عملي جو مظهر آهن. آصف علي زرداري کي مفاهمت جو بادشاهه چيو وڃي ٿو. اسٽيبلشمينٽ کان وٺي هيٺين سطح جي ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز تائين هن ڪامياب ٽرانزيڪشن جي شهرت حاصل ڪئي. ان کان اڳ بينظير ڀٽو جو جنرل مشرف سان اين آر او اسان جي سياسي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي.

ان پارٽيءَ جو باني ذوالفقار علي ڀٽو جنرل ايوب جي ڇانوَ ۾ اقتدار ۾ آيو. ان کان پوءِ هن پيپلز پارٽيءَ کي هڪ آزاد پارٽيءَ طور قائم ڪيو. 1973ع. هن شڪست ڪاڏل قوم کي اميد ڏني ۽ حوصلي سان نئون پاڪستان ٺاهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. پر 1977ع جي چونڊن ۾ ڌانڌلي سبب شروع ٿيندڙ عوامي تحريڪ جي نتيجي ۾ ضياءُ الحق مارشل لا اچي تاريخ جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو ۽ اسان نئين پاڪستان جي رستي تي هليا ويا. سفر پوءِ بينظير ڀٽو جي ذريعي پيپلز پارٽي، ڀهرين آصف علي زرداري جي هٿان گذري ۽ هاڻي بلاول کي بڪايل قيادت مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي رهيو آهي، جيڪا قومي سياسي منظرنامي تي ايري آئي. هڪ ذهني ۽ بصري طور تي طاقتور داستان ٺاهڻ ۽ جديد ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال سان. جماعت پڙهيل لکيل نوجوانن جي هڪ وڏي تعداد کي متاثر ڪيو آهي. عمران خان جي ڳالهائڻ جي غير روايتي انداز ۽ سياست کيس قومي سطح جو وڏو سياستدان بڻائي ڇڏيو. 2011ع ۾ کيس مستقبل جي سياست ۾ فيصلو ڪندڙ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چونڊيو. پوءِ نواز شريف کي سياست مان ڪڍڻ لاءِ عمران خان کي استعمال ڪيو ويو. 2018ع ۾ کيس اقتدار جي تخت تي ويهاريو ويو. عبقري جي دور ۾ هن جيڪو ڪجهه ڪيو انکي قبول نه ڪيو ويو. انڪري هاڻ ڪنهن به طرح سان هاڻي عمران خان ۽ سندس پارٽي ملڪ دشمن ۽ ناپسنديده پارٽي طور ميدان ۾ آهن. هن وقت به پارٽيون سياسي ڊوڙ جي ميدان مارڻ جي لاءِ ڏينهن رات محنت ۾ لڳل آهن اهي پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ ن آهن. پر تاثر اهو آهي ته مسلم ليگ (ن) کي اقتدار ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته آءِ پي پي مولانا فضل الرحمان ايم ڪيو ايم ۽ ٻين آزاد ميمبرن جي سهڪار سان وسيع بنياد تي حڪومت ٺاهڻ واري آهي. ڪنهن به پارٽيءَ جو اعلائيل منشور مثالي يا مثالي سڏڻ جي قابل ناهي، ڪرنسي ڪيئن بهتر ٿيندي، قرضن تي وياج ڪيئن بند ٿيندو، قرضن جي واپسي ڪيئن ٿيندي، آءِ ايم ايف ڪانسواءِ معيشت ڪيئن هلندي؟ اهو ئي منشور ضروري آهي ان ملڪ ۽ هن ملڪ جي عوام لاءِ جيڪڏهن سچي دل ۽ سچي جذبي سان اهو منشور جنهن پارٽي وٽ آهي اها ۽ ملڪ جي تقدير ۽ تخت جي حقدار آهي.

ڪوئي ڪُهي سُپرِين، ڪوئي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نِينهَن جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

انٽيليڪچوئل پراپرٽي رائيٽس

زيد پيرزادو

سڄي دنيا ۾ ماڻهو پنهنجين تخليقن کي محفوظ بڻائي رکندا آهن. بلڪل ائين جيئن اوهان پنهنجي گهر، ڪار، زيور يا گهر جي ٻين قيمتي شين جي حفاظت ڪندا آهيو ته ڪٿي ڪير اهي چوري ڪري نه وڃي. ساڳئي ريت اوهان جون جيڪي آئيڊياز، فن، ايجادون يا تخليقون آهن، تن جي به حفاظت نه ڪبي ته اهي چوري ٿي وينديون آهن ۽ اوهان بدران انهن جو فائدو ڪو ٻيو وٺي ڇڏيندو. مثال طور ميهڙ جو مانو ڪيڏو مشهور آهي پر اوهان ميهڙ ويندا ته هر دڪان تي ميهڙ جو اصلي مانو لکيل ملندو. پر جيڪڏهن اهو مانو اصل ۾ جنهن ٺاهيو هو، هوان کي پيٽينٽ ڪرائي ڇڏي ها ته قانون موجب ڪو به ٻيو ان مانئي کي ان نالي سان ڪپائي نه سگهي ها يا وري مالڪ کي ان جي رائلٽي ڏيڻي پوي ها. مطلب ته جنهن اهو مانو رجسٽر ڪرايو، اها ان جي پراپرٽي آهي ۽ ان جي اجازت کانسواءِ ڪو ٻيو ان کي ڪپائي نه ٿو سگهي. جيڪڏهن ڪپائيندو ته ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ٿو سگهجي. اهڙي ريت جنهن ماڻهوءَ اها شيءِ ٺاهي آهي، تنهن کي ان جي جائز مڃتا به ملندي ۽ مالي فائدو پڻ ٿيندو. اهڙن سمورن حقن کي انٽيليڪچوئل پراپرٽي رائيٽس چئبو آهي.

سنڌ ۾ اسان کي اهڙا بيشمار مثال ملن ٿا. جهڙوڪ خيرپور جي کجي، ميرپورخاص جا انب، لاڙڪاڻي جا زيتون وغيره. اهي ماڻهو انهن شين تي ڪو نالو رکي برانڊ بڻائي پنهنجي ڪاروبار کي ملڪي توڙي عالمي سطح تي مارڪيٽ ڪري ٿا سگهن. پوءِ انهن شين جي انڊسٽري به قائم ٿي سگهي ٿي. پر جيئن ته هتي ماڻهن وٽ انٽيليڪچوئل رائيٽس بابت ڄاڻ نه آهي. تنهنڪري هو نقصان ۾ رهن ٿا. ساڳئي ريت جيڪي فنڪار آهن، اهي جڏهن ڪا تخليق ڪن ٿا، تنهن کي به رجسٽر ڪرائڻ گهرجي. ان سان جڏهن به ٽي وي، فلم يا ريڊيو وغيره تي ڪوئي سندن ڪلام هلائيندو ته کين ان فنڪار کي اصولي طور رائلٽي ڏيڻي پوندي. مائيڪل جيڪسن گذاري وڃڻ جي پندرهن سالن ڪانپوءِ به اڄ تائين پنهنجن گانن وسيلي ڪمائي رهيو آهي. جڏهن ته مهدي حسن جيڪو ان کان به وڏو ليجينڊ فنڪار هو پر جڏهن گذاري ويو ته ان جي گهر جا بل به ٻين کي ڀارڻا پيا هئا. ان جو بنيادي سبب پاڪستان ۾ ڪاپي رائيٽس جو نه هجڻ آهي. تنهنڪري ڪاپي رائيٽس لاءِ سيني فنڪارن کي پاڻ کي فوري طور رجسٽر ڪرائڻ گهرجي. ان سان جيڪڏهن ڪو به سندن ڪلام ڪٿي پيش ڪندو ته کي رائلٽي ڏيڻي پوندي. انٽيليڪچوئل پراپرٽي رائيٽس ۾ هي ڇه شيون اچي وڃن ٿيون: پيٽينٽ، ٽريڊ مارڪ، انڊسٽريل ڊزائين، ڪاپي رائيٽ، جيوگرافيڪل انڊيڪيشن، ٽريڊ سيڪريٽ. اوهان ڪا به شيءِ پيٽينٽ ڪرائي ٿا سگهو جيڪا اوهان ايجاد ڪئي هجي. مثال طور اها ڪا دوا هجي، ڪو طريقو هجي، ڪا مشين، ڪا اليڪٽرانڪ شيءِ، ڪجهه به.

ٽريڊ مارڪ:
مثال اوهان پنهنجي پراڊڪٽ جو جيڪو نالو ٿا رکو، اهو به رجسٽر ڪرايو ته جيئن ڪو ٻيو ان کي استعمال نه ڪري سگهي. جيئن نائڪي، ڪوڪا ڪولا وغيره جا مشهور ٽريڊ مارڪس آهن.

انڊسٽريل ڊزائين:
انڊسٽريل ڊزائين به رجسٽر ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪپڙا، گهر جون شيون، زيور، اليڪٽرانڪ شيون، هينڊي ڪرافٽس وغيره اچي ٿا وڃن.

ڪاپي رائيٽس:
اهڙي طرح ڪاپي رائيٽس ۾ فنڪار پنهنجي فن جو ڪاپي رائيٽ حاصل ڪري ٿا سگهن. مثال طور ڪو ڪتاب، پينٽنگ، موسيقي، فلم وغيره.

جيوگرافيڪل انڊيڪيشن:
جيوگرافيڪل انڊيڪيشن ۾ اوهان پنهنجي علائقي جي شين کي رجسٽر ڪرائي ٿا سگهو. مثال طور باسمتي چانور، پنڪ لوڻ، حيدرآبادي ربڙي وغيره.

ٽريڊ سيڪريٽ:
ٽريڊ سيڪريٽ ۾ اوهان ڪنهن شيءِ کي ٺاهڻ جو طريقو، ڊرائنگ وغيره پنهنجي نالي تي رجسٽر ڪرائي سگهو ٿا.

پاڪستان ۾ پيٽينٽس جي حالت اها آهي ته سال 2022ع ۾ ڪل 338، سال 2021ع ۾ 423 ۽ سال 2020ع ۾ فقط 338 پيٽينٽس ڪرايا ويا. جڏهن ته انڊيا ۾ ٻوٽين سال تعداد 66,440 رهيو. ترقي يافته ملڪن جهڙوڪ چائنا، جاپان، جرمني، ڪوريا ۾ ان جو تعداد هر سال لکن ۾ هوندو آهي. پاڪستان ۾ انٽيليڪچوئل پراپرٽي آرگنائيزيشن IPO جو ادارو 2005ع ۾ قائم ڪيو ويو. اهو ادارو ڪامرس منسٽري جي انڊر اچي ٿو. اداري جي ويب سائيٽ ipo.gov.pk آهي. جنهن منجهان ان سلسلي ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪري ٿي سگهجي. انٽيليڪچوئل پراپرٽي ۾ ڪنهن به شعبي ۾ رجسٽر ڪرائڻ جي في ڪا تمام گهڻي نه آهي. هر شعبي جي الڳ في آهي. مثال طور پيٽينٽ ڪرائڻ جي في تقريبن ڇه هزار آهي. جڏهن اوهان ڪنهن شيءِ کي پيٽينٽ ڪرايو ٿا ته ان جو مدو ويه سال هوندو آهي. جيڪو بعد ۾ وڌائي سگهجي ٿو. رجسٽريشن جي پراسيس ۾ هڪ فارم ڏيندا آهن. جيڪو ڀري جمع ڪرائڻو هوندو آهي. پيٽينٽ جي منظوريءَ ۾ ته ڇه مهينا به لڳي ويندا آهن. ها باقي پيٽينٽ فارم جمع ڪرائڻ واري تاريخ کان ملي ويندو آهي.

ڪجهه ماڻهو اهو ضرور چوندا ته جيڪڏهن اسان رجسٽر ڪرائي به وٺون ته ڪهڙو اسان کي رائلٽي ملندي. ڳالهه اها آهي ته جڏهن ڪا شيءِ اوهان جي نالي تي رجسٽر هوندي، تڏهن ئي اوهان ان جي دعوا ڪري سگهندا. جڏهن اها اوهان جي نالي تي ڪٿي رجسٽر ٿيل ئي نه آهي ته اوهان اها دعوي ڪيئن ڪري سگهندا ته هي منهنجي شيءِ آهي. جيڪا ڪير ٻيو چوري پيو ڪري؟ ٻيو ته ان جو ڪلچر به پاڪستان ۾ آهستي آهستي رائج ٿيندو. جڏهن ماڻهن کي ان بابت ڄاڻ وڌندي ۽ کين پنهنجن حقن جي پروڙ پوندي.

اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙيون گهڻيون ئي شيون آهن. جن کي پيٽينٽ ڪرائي سنڌ جا ماڻهو خوشحالي حاصل ڪري ٿا سگهن. مثال: اجرڪ، هالا جي ڪاڏي، ٽائيلز، هينڊي ڪرافٽس وغيره. ان سان انهن جي ڪاروبار کي وڏي هٿي ملي ويندي، غربت گهٽائي سگهبي، روزگار وڌندو ۽ معيشت بهتر ٿيندي. اهڙي طرح مٿي ڄاڻايل سيني شين سان مجموعي طور سنڌ ۾ صنعتن کي اتساهه ملندو. خاص طور تي ننڍن ڪاروبارن کي وڏي ترقي ملي سگهندي.

دادو پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ طرفان فيملي هيلٿ صحت ميلو منعقد

جوهي (رپورٽ) پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ دادو طرفان جوهي يرسي 2 جي ڳوٺ بهادر لنڊ ۾ فيملي هيلٿ صحت ميلو منعقد ڪيو ويو جتي عورتن ۽ ٻارڙن جي ماهر ڊاڪٽريائين ۽ ڊاڪٽرن موجود هئا ميلي ۾ علائقي واسين کي مفت علاج ۽ دوائن سان گڏ خانداني منصوبہ بندي مليريا جون فري ۾ ينج سئو مريضن کان وڌيڪ ٽيسٽون ڪري ۽ دوائون ڏنيون ويون ان موقع تي پاپوليشن ڊسٽرڪٽ آفيسر جاويد احمد پنهور شرڪت ڪئي جنهن ۾ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر ڏاتي بخش لنڊ، هوت خان لنڊ ۽ ٻين ميلي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته اسان جي پٺ تي پيل علائقن ۾ هر مهيني پروگرام منعقد ڪري ماڻهن جي خدمت ڪندا آهيون وڌيڪ چيو ته پاپوليشن سيڪريٽري ريحانہ بلوچ جي هدايتن تي ترقي پذير علائقن ۾ فيملي هيلٿ ميلو منعقد ڪندا آهيون جتي ڳوٺاڻن کي در تائين سهولتون ملي سگهن هنن چيو سوشل ميل موبلائيزر ويلفيئر پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندا آهن ان موقع تي ڊاڪٽريائين رخسانہ عباسي ، عشرت بلوچ ،حسنہ بلوچ، ميڊم عزمت ، ميڊم حاڪم زادي ايف ٽي او FTO وسيم سرلنگي ،زاهد لنڊ ،روشن علي ٿهيم ، اسلم راز سومرو ، ايم عمر ٻير ، ميلي ۾ ڀرپور خدمتون سرانجام ڏنيون .

بدين ڊاڪٽر عبدالله سومرو ميموريل هاءِ اسڪول ۾ دوستاڻي ڪرڪيٽ ميچ منعقد

بدين (رپورٽ) بدين ڊاڪٽر عبدالله سومرو ميموريل هاءِ اسڪول بدين جي خلاف هڪ غير معمولي دوستاڻي ڪرڪيٽ ميچ ۾ ڪاميابي ماڻي. رانديگرن ۽ استادن جو چوڻ هو ته هن ڳڻيل ڪوشش سان شاگردن کي نصابي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ ان کي ... مالڪ عبدالقادر ڪٽي چيو ته هي فتح نہ رڳو دي ريناسنس اسڪول بدين جي ڪرڪيٽ جي صلاحيت جو ثبوت آهي پر ٽيم ورڪ، نظم وضبط ۽ منصفاڻي راند جي قدرن جو جشن پڻ آهي. هي فتح نہ رڳو دي ريناسنس اسڪول بدين جي ڪرڪيٽ جي صلاحيت جو ...

پيپلزپارٽي بدين جي ليبر ونگ جي اڳواڻ پارن ڳوٺ ڪڙو ملاح ۾ پهچي ملاقاتون

مسلم ليگ ن جي نامزد ٽيل اميدوار سردار رسول بخش جاکرو پاران ريلي

سجاول جي صحافين روزاني عوامي آواز جي ضلعي رپورٽر جي پلاٽ تي قبضي جي ڪوشش

ڪنب لڳ ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو ۾ اليڪشن جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻي

بقايا سنڌيار 01

جي فتح جو ڏينهن آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي عوام جي پارٽي آهي ۽ اڄ بہ سنڌ جو عوام اسان جي نمائندن تي يقين رکي ٿو ڇو جو هو عوام جي خدمت واري جذبي سان سياست ڪن ٿا. هن چيو تہ اسان غريبن هارين مزدورن کي 3 لک گهر ٺاهي ڏينداسين هاري ڪارڊ ڏيئي خوشحالي آڻينداسين. بيروزگاري ۽ مهانگائي جو خاتمو اسان جي اولين ترجيح آهي. تعليم ۽ صحت سيني لاءِ اسان جو منشور آهي. آصف پٺو زرداري جي اڳواڻي ۾ ريلي ڏيپارجا. قل ۽ پدعيدن لنڪ روڊن تان بہ گذري جتي ريلي جو استقبال ڪيو ويو جڏهن تہ ٽوان جتوئي ۽ منياڻي سيڪورٽي خدشن سبب روٽ تبديل ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 02

آهي جيڪا عوام سان دوکيبازي ۽ وساگهاتي ڪري ٿي هنن چيو تي اسان ٽريارڪر ۾ ڀرپور نمونی چوند مهم هلائي رهيا آهيون ماڻهو پيپلزپارٽي جي ظلم ۽ ڏيادتين کان تنگ اچي چڪا آهن ماڻهو اسان کي واهڻ ۽ وستين ۾ ڀرپور موٽ ڏيئي رهيا آهن انشاء ان فيبروري ظلم جي ڪاري دور جي پڄاڻي جو ڏينهن آهي اسين سموري سنڌ جي عوام کي اپيل ڪيون ٿا ڊوڙ کان وڌ تاري تي ٿيو هٿي جي ڊي اي جي سمورن اميدوارن کي ڪامياب ڪندا. هنن چيو ...

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار Reg No 2677 Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com